# مهراڻ

جلد ٢٣ - نمبر ١

١٩٧٤ع

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ.



لاهور ۾، اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي موقعي تي، اسلامي قلمي ڪتابن جي نمائش ۾ مادام مختارالداده، خاتون اول، اسلامي جمهوريه ماريطانيا، سنڌي عالمن جا اسلاميات تي لکيل تاريخي نسخا ملاحظه ڪري رهي آهي. مادام مختارالداده، مسٽر غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کي ٻڌايو ته کيس سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ گهري دلچسپي آهي. — مفصل رپورٽ لاءِ ڏسو ص ١٧٨

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۲۳ — نمبر ۱
(جنوري، فيبروري ۽ مارچ ۱۹۷۴ع)

ايڊيٽر
غلام محمد "گرامي"

سنڌي ادبي بورڊ
"امين منزل"، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

(پوسٽ باڪس نمبر ١٢)
حيدرآباد، سنڌ.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
حيدرآباد سنڌ.

قيمت ٤-٠٠ رپيا

في ڪاپي ٤-٠٠ رپيا

ساليانو چندو ١٥-٠٠ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board Printing Press.
and Book stall "Amin Manzil", Gadi Khato, Hyderabad Sind.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**قطعا** (ص ٥٨)
'لقاش'، اسحاق 'راهي'، امان الله 'ناظر'.
**نيون طرزون** (ص ٦١)
'تاج' جويو، 'ادل' سومرو.

**افسانا**

| | | |
|---|---|---|
| ١. حيلو | ـ نجم عباسي | ٦٥ |
| ٢. منهنجو من ۽ مفلسي | ـ ادل سومرو | ٧٠ |
| ٣. جين آئر | ـ شارلٽ برانٽي<br>سنڌيڪار: غلام نبي ميمڻ | ٧٥ |
| ٤. مامتا جا ٻه روپ | ـ ايچ. جي. ويلز<br>سنڌيڪار: محبوب علي جوکيو | ٨٩ |

**مقالا**

| | | |
|---|---|---|
| ١. اميرخسرو دهلويءَ جي فارسي شاعريءَ تي هڪ نظر (قسط ـ ١) | ـ آغا عبدالنبي خان "عليگ" | ١٠٥ |
| ٢. سنڌ جي سومرا قوم | ـ قريشي حامد علي خانائي | ١١٤ |
| ٣. ٻوليءَ جو ٻنو سرشتو | ـ الهداد ٻوهيو | ١٤٤ |
| ٤. موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو؟ | ـ محمد يوسف ابڙو "شاڪر" | ١٥٧ |
| ٥. زندگيءَ جي ارتقا ۾ عقليت جو مقام (قسط ـ ٣) | ـ محمد حسين "ڪاشف" | ١٦٤ |
| ٦. مخدوم غلام حيدر صاحب صديقي | ـ شيخ عبدالرزاق "راز" | ١٦٨ |
| ـ تبصرا | | ١٧١ |
| ـ ثقافتي سرگرميون | | ١٧٨ |

# گذارش

## مهراڻ جو ۲۳ سال:

’مهراڻ‘ رسالي جي هيءَ اشاعت، ۱۹۷۴ع جي پهرين اشاعت آهي. سنڌس مسلسل اشاعت جي تاريخي حيثيت سان، هي پرچو جلد ۲۳ جو نمبر ۱ آهي.

اها هڪ حقيت آهي تہ مهراڻ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ ممتاز ۽ منفرد حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. علمي ۽ ادبي، فني ۽ تحقيقي خيال کان، ’مهراڻ‘ صحتمند ۽ روشن ادب جي اشاعت جي ڪري، ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي شهرت ۽ مقبوليت جي گويا هڪ علامت بڻجي چڪو آهي. ان تي جيترو بہ سنڌي ادب کي فخر ڪرڻ گهرجي، اهو اصل ۾ گهٽ آهي.

’مهراڻ‘ سان سنڌ جي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن، محققن ۽ مورخن، افسانہ نگارن ۽ ڪهاڻي نويسن، رضاڪارانہ ۽ مخلصانہ نموني ۾ دلي تعاون پئي ڪيو آهي. سنڌ جي اديبن جي ان تعاون جي ڪري ئي ’مهراڻ‘ سنڌي ادب ۾، سڀني علمي ۽ فني صنفن تي، هزارن صفحن تي مشتمل شاهڪار مواد پيش ڪري، سنڌي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت حاصل ڪئي آهي. ’مهراڻ‘ جي ان بلند معيار تي پهچڻ جي سلسلي ۾، ’بورڊ‘ سان گڏ، سنڌ جا اهي عالم ۽ اديب، محقق ۽ مورخ، دانشمند ۽ فنڪار، تحسين ۽ آفرين جا مستحق آهن، جن ڪنهن بہ انعام ۽ لالچ، معاوضي ۽ امداد جي ڪشش کان سواءِ ادب جي خدمت ڪندي، معياري شاهڪار پئي عنايت ڪيا آهن.

پاڪستان جي علائقائي ادب ۾، سنڌي ادب جو بلند مقام حاصل ڪرڻ ۽ ’مهراڻ‘ جو معياري حيثيت تي پهچڻ، اصل ۾ سنڌ جي اديبن، مفڪرن، مورخن ۽ محققن، شاعرن ۽ فنڪارن جي مخلصانہ تعاون جو مرهونِ منت آهي، جن سنڌي ادب جي نشو و نما ۽ ارتقا لاءِ رات ڏينهن لور لڇوئي پئي مواد مهيا ڪيو آهي.

’مهراڻ‘ ۾ شايع ٿيل مواد، حصہ نظم ۾ هر صنف تي مشتمل رهندو آيو آهي. حصہ نظم ۾ قديم ۽ جديد صنفن تي بيش بها مواد هزارن صفحن تي مشتمل موجود آهي. ان ۾ بيت، وائي، ڪافي، گيت، لوڪ گيت، نظم، غزل، آزاد نظم، رباعيون، قطعا، نيون طرزون ۽ هائيڪا وغيرہ شمار ڪري سگهجن ٿا. ان سلسلي ۾ سوين نوان شاعر پيدا ٿي چڪا آهن، جن جي فن جي تربيت ۽ اصلاح، اشاعت ۽ شهرت، ’مهراڻ‘ جي وسيلي سان ٿي آهي. ان طرح سنڌ جي ٻرڪ افسانہ نگارن جا افسانا، ڊراما، ڪهاڻيون ۽ گيتن پريون ڪهاڻيون، سوَن جي تعداد ۾ شايع ٿيل آهن، جن ۾ قديم ۽ جديد فنڪارن جو فڪر انگيز مواد شمار ڪري سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾

# امداد حسيني

## (ڪجهه نظم)

### پهريون نظم

لُڙندڙ لُڙڪ لُڙيءَ ۾ پروئي،
اڄ ته مان تنهنجي ڳچيءَ ۾ پايان.
جنڊڙي تو مٿان گهوري گهوري،
سنڌڙي آءٌ ته توکي ڳايان.
هو جمالو چئي ڏيرهون پايان،
پيرَ ۾ ڇيرَ ٻڌي جهُمر هڻان.

### اڏيڪار

دل جي دلبر جي هر تار ٽٽي پئي آهي،
گيت ڳايان به ته ڇا گيت اهي ڳايان به ته ڇا؟
منهنجي هر ٽهڪ ۾ سُڏڪي جو پڙاڏو آهي،
پاڻ تي پاڻ کِلان، ۽ ٻه کلايان به ته ڇا؟

دل هئي، سا ته سڙي رک ٿي وئي سيني ۾،
لُڙڪ لاڙيان به ته ڇا لُڙڪ لِڪايان به ته ڇا؟
امن لاءِ جنگ ۾ وڙهندي منهنجو سر وڍجي چڪو،
سر جهُڪايان به ته ڇا سر نه جهُڪايان به ته ڇا؟

### آخري نظم

زندگيءَ هر موڙ تي،
موت سان هٿ جوڙ ڪئي.

### ڪجهه شعر

خوب پِي ڪانئي جو ميخاني منجهان اٿيابن،
اونڌي منهن لٿي ۾ ڪنهن در تي پيا هوندا سين.

*　　*　　*

الگ آکھاڙا ھيٺ ٻُڪيا،
ڪارا ۽ ڪوجھا ڇورا،
پاڻيءَ ۾ ڇاوا لپنا،
ڪاريءَ ۾ ڏاڍا ڪُرڙا،
ڄڻ سيج جي سامھون چرڪا!

## غزل

سرد ھوائون تيز ٿيون،
ڪُل ٿي ويون روشنيون.

پنھنجي شڪل پٺي پسجي،
چشني پاسي آرسيون.
لُوڪ ته ڪارو سمنڊ آھي،
ڪنھن جي لئي ھي زھر پيون.
تون پر ته لاھين پاسي ۾،
جيون ته ڪنھن جي لاءِ جيون؟

●

وڄ وڄ موتي ويري وڄَ،
کھَرو آھي دل جو گھاءُ.

مون جھڙي پرديسيءَ جو،
ڪھڙو ٿيندو آڌرڀاءُ.
ساري پنھنجو جُواڻِ پٽ(۱)،
روئي ويٺي منھنجي ماءُ.
اھڙو ڪوئي ڪولھي ڪو،
جھڙو منھنجو جالي ڀاءُ(۲).

## الحمرا

(سائين ميران محمد شاھ جي ياد ۾)

دماغن جي باغن مان بادِصبا ھاڻ گذري ته گذري،
گلابن جي خوابن جو ڇا حشر ٿيندو،
محبت جي وادي- بي رنگ مان،

---

(۱-۲) مختيار ڏاھن اشارو آھي-امداد

ڪاروانِ وفا جهومندو ڳائيندو هاڻ ڪذري نہ ڪذري،
۽ ماڙيءَ تي جلون جو مهتاب جاڳي نہ جاڳي،
پياڪن مان پيمانا سرچن نہ سرچن-
سرِ بزم ساقيءَ جي ليٽڻ مان مئي،
هاڻ ڇُلڪي نہ ڇُلڪي-
رُڪل شوق ٻرچن نہ ٻرچن.
ڪٿي آهي سو؟
جنهن ڪان ديوار ۽ در ۾ هئي روشني،
رهگذر رهگذر ڪهڪشان هئي،
يتائيءَ جي ايتن جو ساحر،
ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو، حسين صورتن جو ٻوڇاري،
محبت جي وستيءَ جو محبوب شاعر،
ڪٿي آهي؟
سو شيشہ گرِ نغمہ گر زالہ ڪاليءَ جو روحِ روان،
جنهن جي آغوش ۾ وسعتِ آسمان،
جنهن جي مُرڪن ۾ جرڪيا ٿي هيرا جواهر!
اڃا ڪيترن ئي خزالن جي رازن ڪان واقف نہ آهيون،
اڃا ذهن جي قرطبہ
ظلمتن جي لٽيرن ڪان لُٽجي پئي.
زندگي آهہ ويچاري حيران تنها،
پريشانين جا هزارين ئي حملا،
۽ لڙڪن جو محشر تي محشر.
ڪٿي آهہ اسپين جو شاهزادو؟
لذتڪن خيالن جون شهزاديون،
انتظارن ۾ آهن.
تصور جي الحمرا شمشان آهي!

## غزل

اَڄ آهيان ۽ سندءِ غم آهي،
۽ مقابل سڄو عالم آهي.

ڪو تہ قاتل ڪي بيهاري ۽ چئي،
تنهنجي بسمل ۾ اڃا دم آهي.

هاڻ ويراني، راهِ الفت،
ڪوبه همراهه نه همدم آهي.
آءٌ خوش آهيان خوش آهيان آءٌ،
تنهنجو غم آهي ته ڇا غم آهي.

## غزل

ماڻهو ماڻهو پٿر دل،
سپنا چڪناچور ٿيل.

دروازي جي چائنٺ تي،
اهي رهيو ڇو محبتُ ميٺل.

ڪنهن جي دل تي هٿ رکبو،
هرڪوئي هٿ قربَ ڪٺل.

هٿ ٻه آهن هٿڪڙيون،
پير ٻه زنجيرَ پيل.

## ترائيل

دل جي ٻيڪار دلاسن جي حقيقت ڇاهي،
منهنجي خوابن ۽ خيالن جو مقدر ڇاهي–
منهنجي جذبات ۽ احساس جي قيمت ڇاهي:
دل جي ٻيڪار دلاسن جي حقيقت ڇاهي!

زندگي آهي ته هيءَ موت جي مُهلت ڇاهي،
ها الهيءَ سوچ انهيءَ لوچ جو محشر ڇاهي–
دل جي ٻيڪار دلاسن جي حقيقت ڇاهي:
منهنجي خوابن ۽ خيالن جو مقدر ڇاهي.

## گيت

ڪاري ڪاري رات،
مٿان برسات،
نه وڃ، اڄ رات رهي پئو.

ويندين تون ته بهارون وينديون،
جيئنتائين تون پيو ويندين،
منهنجون پريت پڪارون وينديون،

وائسي تنهنجي وات،
سدائين ساٿ؛
نه وڃ، اڄ رات رهي پئو.

سرتيون سوين ميارون ڏينديون،
ڪونجون جيئن قطاريون وينديون،
لڙڪن جون به قطارون اينديون،
ڏسڪي ايئي ذات،
لڳي اٿي لات؛
نه وڃ، اڄ رات رهي پئو.

وڃڻ نه چاهين وڃڻ نه ڏينديون،
منهنجون آهون منهنجون دانهون،
روئي تنهنجي راهه جهلينديون،
بازي ٿيندي مات،
سڄي وٺ بات؛
نه وڃ، اڄ رات رهي پئو.

## مٺڙي منهنجي مٺڙ

مٺي منهنجي مٺڙ آلولو،
چاچو ڏپ ۽ چاچو ڀولو،
مٺيءَ منجهه ملي ويندا سين؛
چاچو پنڪڻ چاچو رولو.

هيءَ نانانو هيءَ ڏاڏانو،
مٺي اوچڻ مٺي وڇاڻو،
مٺيءَ منجهه ملڻ جي ڪارڻ؛
منهنجو روح وتي ويڳاڻو.

## نظم

منهنجي دل تي ستم ڪرڻ وارا،
خوش رهين شال غم ڏيڻ وارا.

مون ته هر موڙ تان پڪاريو هو،
هر قدم دل جو ديپ ٻاريو هو،
توئي پنهنجي ڪشتي لهاريو هو،
خوش رهين شال...

ساهہ کي سرهاڻ سان سينگاري هلون
"آج؟" سورج سُکيءَ جهڙا سپنا
مست ليٽن ۾ سمائي هلون منهنجا سائي!
جيپ َ ڦلڻائي سهي
هر َ چيڪلائي سهي
ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي اي دوست، سپاڻي جو اڪورو ۽ لڻون
سونَ ورن سيجَ سلامي ڏيندا!

## سنگتراش

"...
جي چوڻ چاهين چئي ڏي
جي لکڻو چاهين چئي ڏي
چو تہ ماڻهن کي پڌڻ جي لاءِ خلقيو ڪولہ ويو آهين رکو
ڪيت ڪو ڳائي سگهين ٿو تون تہ وڏي واڪ ڳاءِ
جي نہ ٿو ڳائي سگهين، ڪا دالهن ڪر
جيپ َ جي ڪيجي وٺي آهي تہ چاهي
رَتَ َ جي ڪرڙي تہ ڪر
ڪجهہ تہ ڪر--او بيخبر پٿر نہ ٿي
هيترو هاجو سهي تون ماڻ آهين
..."

آءُ پٿر ساڻ ساري رات سر ٽڪرائيندو
رئندو رهيس رڙندو رهيس
پوءِ آهيٺي لڙڪ پٿر تي ويا
۽ آهي رڙيون بہ پٿر تي ويون
لفظ ڪولڪا ٿي ويا
سالت ٿي وٺي لات سا
جا ڪلهن تان ڪنڌ ڪوريندي هئي

سون کي ايٺن لکو:
جڻ سان بہ پٿر ٿي ويو آهيان،
مٿو--،
جارُ پنهنجو پيو آئي ڪوريٽڙو!

## اڄ مان شروع ڪيل نظم

جيون جي الڏي ٻرائين ڏکَ تي
مرڻ گهڙيءَ تائين

(شايد اِن کان پوءِ به)
ٻٽون ٻٽون ٻرن سان
ٻُنيان رَت جي ليڪ ڇڏيندو
هلندو رهندس هلندو رهندس هلندو رهندس
منهنجا سائين!

دل ۾ دکندو ڏُکُ ڪٿي
منهن تي ميٽيءَ مُشڪُ ملي
اسراڙ بليڊ سان چيري
ريٽي رَت جو تيلڪ هڻي
ٻڙا جي ٻرائين ٻَٽ تي
رَتو رَتُ هٿن سان
ٻُتُ ڪٽير ۾ هيڪل رَت تي
ڏکڻ آتر اولهه اوڀر
وڙهندو رهندس وڙهندو رهندس وڙهندو رهندس
آخر تائين!

## نظم

جيتري ٿي حسين آهين تون
اوتروئي جوان آهيان مان

آرزو جو يقين آهين تون
حسرتن جو گمان آهيان مان
هيءَ وڇايل زمين آهين تون
هُو جهُڪيل آسمان آهيان مان
جيتري بي نياز آهين تون
اوترو مهربان آهيان مان
تون ته پونم جو چندرما آهين
منهنجي اکين ۾ ڏِس ليٽو پائي
ايرو ۽ کهرو سمنڊ آهيان مان
تو سان هر لهر لهر پيار ڪري

## غزل

سُولا سُولا ڦاٽي ڪهاٽ
ڳهريل ڳيروئن جا ڳاٽَ

چِرڪي اٿي جا تنهنجي چِپرَ
چاٽ چٽي تارن جي چاٽَ
دل ۾ روشن ڏک جو ديپ
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽَ
تيلي ٿي ٻاريان ٿو آءٌ
آجهي ٿئي آ هرڪا لاٽَ
ٻِرهه چُميا ها تنهنجا چَپَ
ٻوئين ٻهر ٿئي هئي ماتَ
جيتان هَلي آيو "امداد"
ڪاريهرَ جي آهي واتَ

## خواب ۽ خيال

لـ اڄ لـ اڄ منهنجي خوابن ۾ ۽ خيالن ۾
لـ آءٌ تنهنجو پيارو لـ تون سندم دلدار
اها ٻـ ڪهڙي وفا ۽ اها ٻـ ڪهڙي ريت
اها ٻـ ڪهڙي محبت اهو ٻـ ڪهڙو پيار
تہ رُئندي رُئندي وڃي گذري مند ساوڻ جي
۽ کِلندي آلندي وڃي گذري منهنجي پرمان بهار
۽ تون الائي ڪٿي ڪهڙي ديس ۾ چُپ چاپ
ڪلهن تي وارَ ڇڏي ۽ ڪٿين هٿن ۾ ستار
۽ تنهنجي دل ۾ وهي آءٌ ڳايان ديپڪ راڳ
۽ تنهنجون اکڙيون ڇڙي ڇڏين ميگهه ملار

## انهيءَ آداس شام جي نانءَ

جوڀن جوڀن ساوڻ جو دريا هو
آءٌ ڪناري تي پياسو پياسو
حيرت ۾ مان هٿن ٻار ڏسان ٿو
لهر لهر تي لُڏندڙ لمندڙ

ٺهندڙ ٻرندڙ سورج ڪرڻا
جوڀن جوڀن ماڪ جو دريا هو
آءٌ ڪناري تي پياسو پياسو
ڪيڏي سڪ مان ٻيئو آهيان
پٺي ساوڻ جي اوسيئڙي ۾
جهسيٽائين
لهر لهر ۾ پنور نہ ٿئي
لئين سورج جي اڪرڻ ڪارڻ
اولدهہ الذوڪار نہ ٿئي
تون ئي منهنجي سوچ جو سورج
تون ئي ڏاجُ ڌَرتيءَ جو
جيسين تون هِن پار نہ ايندين
اولدهہ الذوڪار ئي رهندي

## ڪو بہ چهرو تنهنجي چهري کان حسين ڪونهي ڪو

ڪو بہ چهرو تنهنجي چهري کان حسين ڪونهي ڪو
هن سڄي شهر ۾ ڪو ماهہ جبين ڪونهي ڪو
تنهنجي اکين جي اها گهُورَ تيکي ۽ گَهري
منهنجي سيني ۾ لڳاتار وڃي ٿي لهندي
تنهنجي ڪپڙن جا اِهي ريشمي کهُنجَ اطلسي ولگ
جن جا بخيا منهنجي هر گهُورَ تي آڏڙي ٿا وڃن
پوءِ اِن گهُورَ کي کوڙو بہ چڱو لالو ڏئي
تنهنجي دل ۾ بہ جي جاڳي پوي هي شوقِ هَوس
تہ رڳو ايترو توکي ٿو ٻڌائي ڇڏيان
تنهنجي خاطر منهنجا دروازا کُليا پيا هوندا
دل جا دروازا ڪڏهن بند نہ ٿيندا توتي

## جاڳو

اي آڀاڳوا
ننڊ آهي ايڀاڳ جاڳو
رات آهي آجهاڳ جاڳو
جاڳ آهي سڀاڳ جاڳو
اي آڀاڳوا

اي سَڀاڳوا
وقت جنهن ٿو وري وَرو ٽئن
جيئن سورج ڀري ڀَرو ٽئن
جيئن جـوڏا مـرن مَرو ٽئن
اي سڀاڳوا

اي سڀاڳوا
جاڳيو جڳ جهان جاڳو
جاڳيو آسمان جاڳو
ماڻيو بخت ڀاڳ جاڳو
سنڌ آهي سهاڳ جاڳو
اي آڀاڳو
اي سڀاڳو
جاڳو
جاڳو
جاڳو

# ڪافيون

● خاڪي جويو

*

آيـل جيڏيون آئـيـو، ڳـوڏڙيـو ڳرلار ۾،
سوز سمايل ڇـا نـه آ، پيچل جـي پڪار ۾!
ساوڻ آيو سهج سان، آءُ ٻرين تون اوڏڙو،
من ڪي آئي موج آ، ڪنوڻين جي ڪلڪار ۾.
آءُ تـه ويٺي اوريان، ڏولـڳر سارو ڏوريان،
ڳهوٽ مٿان ڳهر ڳهوريان، وندر جي وڻڪار ۾.
ميهر جـي ميلاپ لـئـه، پوري پيلو پرجهلو،
سهٽي آئي سير جـي، ڇولين جـي ڇڇڪار ۾.
ڪاڪ آڏائي خاڪ آ، ڪنول ويا ڪومائجي،
سـوئـيـو نـاهـي ميندرو، سـومـل انتظار ۾!
ٻـيـڙا ڪاهي ٻـار ۾، ترهـا آئـي تـار ۾،
هاڪاري هوشيار ٿـيـا، ونجارا واهـار ۾.
'خاڪي' تنهنجو خيال آ، هيڏو منهنجو حال آ،
سٽبو ڪُٽبو ٿـورهان، سورن جـي سنسار ۾.

● غلام نبي عاقل

*

ڏولـڳر ڪيئن سان ڏوريان، ٻـيـا ٿـا چاڪ چرن،
ٻـيـا ٿـا چاڪ چرن، هينڙي ڦٽ هـُرن.
ڏاڍهن، ڏيرن جـي ڏاـا، سي ٿـا سور سرن،...
هينڙي ڦٽ هـُرن.

جبل ڏٺا جي جان کي، سي ٿا جهير جهُرن،...
هينئڙي ڦٽ هُرن.
جن جو هاڻ هنجي ويو، ڏونگر سي ته ڏرن،...
هينئڙي ڦٽ هُرن.
رت سان جيکي رڱيون، سي ڪئن ھند ھرن،...
هينئڙي ڦٽ هُرن.
جتن سنديون جيءَ ۾، ٻاجهون ٻين ڀَرن،...
هينئڙي منجھ هُرن.
'عاقل' الفت واريون، دليون گهوٽ گهُرن،...
هينئڙي منجھ هُرن.

● بهاول خان لغاري

*

شال اچي آري، موٽي ماڳ تي،
او جالب لٿي آءٌ ٽيندس جوڳيائي.
جاني سڄاڻي ڇوري ڇڏي ويا،
ڏوهڻ سمجھي ڏاري ڏاري.
ڦوڙائي تو فراق جي الا،
جان منهنجي ڳاري ڳاري.
اندر چاڪ ڇڪن ٿا اديون،
مهڻن لوڪ جي ساري ماري.
ڪنديس خان پنهل سان جيڏيون،
ڳالهه اها آءٌ ساري ساري.
'بهاول' ڇئي بلوچ جو،
برهه لڳو ٿم باري باري.

● نظير ٽڪڙائي

*

ڳالهيون تنهنجون ڳچ، او ميان،
لڙڪ ليري ڪيئن ڇڏيندا.
سينو ساڙي پاند ٻه جائن،
لڙڪن جي لالچ، او ميان...

دل کي دوست دلاسن ماريو،
اچڻو اٿيئي اڄ، او ميان...

آءٌ ڪميڻي ڪوڙي آهيان،
تون تہ سڀورو سچ، او ميان...

لاهي ”نظير“ جي حجت هاڻي،
ٻريو ٻاڻ ٻرچ، او ميان...

● ”عاجز“ آچڻ

*

تڙ تماچي جام آيو، نُور لوري ٿي وئي،
مَنّي ملاحن جي سموري، آس پوري ٿي وئي.

سون ٻنگلن سانيائيون، جام سان مُرڪي مليون،
ڪانڌ سان ڪينجهر ڪناري، هيج سان هُرڪي هليون،
معاف ٿيا محصول تن تان، دور دوري ٿي وئي.

هولڻ هيون ڪي لک هزارين، راڄ ۾ زانيون گهڻيون،
چيٽ چُلر جن جي بدن ۾، راڄ رائيون سي ٿيون،
سيند سرمي ڪان سواءِ، اوري حُضوري ٿي وئي.

مَنّي ملاحن ساڻ ”عاجز“ جام ائي جاريون هيون،
ٻانڻي ٿي جام اوريءَ سان ڪلي ڪاريون ڪنيون،
چيٽ چُلر خوشبوءِ ڪکيءَ جي جڻ ڪٿوري ٿي وئي.

● شير محمد شاهہ ”مختار“ نقوي

*

جڏهن ياد تنهنجي اچي ٿي آياري،
رڻ روز اکڙيون سچڻ سڪ سان ساري.

ڏکن ڏيل ڏاري ڪيا دل ۾ ڪهارا،
سڙي سوز، سڪ ۾، ٿيا سال سارا،
اڳڻ اڄ او جالي، جڏي وچ جياري...

ٻنهي لاءِ ٻرندو، ۽ منهنجو ساٿي،
ٿيو مَن آ ماندو، ۽ سورن ستايو،
ملي وچ تون جهڙي، مٿان موت ماري...

اوهان جي اچڻ جي، انتظاري،
اڃين ارت جي تو، ڀي ماڻ ٻماري،
سڄڻ تو سوا اِج، دُکي دل ٿي کاري...

هي "مختار" تنهنجو، غمن ۾ گُذاري،
ڪري ياد هر هر، اکين سِيسر هاري،
ڏئي وچ دلاسو، سڪايل پُڪاري...

● ادل سومرو

*

ميٺي ميڪ، الدر آکين، هتر هتر جن جي هَورَ،
الوميان ايندا، ساجن ميٺي.

قلب ۾ ڪيرَ لڳل آ، جن جي، ٻل ٻل جن جا ٻَورَ.
جن جي خاطر جيءُ جلائي، ستوَ ستا سي سُورَ.
دردن ساري دل وچاري، کهائيو جنهن کي کهَورَ.
ٻئين ڪان مُنهنجو موڙي جن لئه، راجَ ڪيا رنجُورَ.
الوميان ايندا، ساجن ميٺي.



# واڪي

● سرو پچندر ”شاد“

هيءَ سُرُ، هيءَ آلاپ، آيل مون کي گهائن ٿا!

مُند مينهوڳي، رِمِ جهِمِ ٻرکا، سُرُ ساهه جو ميلاپ،

هيءَ سُرُ، هيءَ آلاپ، آيَل مون کي گهائين ٿا!

ڪڙ ڪڙ ڪينوڻ ڪنوي ابن تي چڻ وچڙيل جا ورلاپ،

هي سر، هي آلاپ، آيل مون کي گهائن ٿا!

پريت جو پيو پڙلاءُ ڪنَن ۾، آڏري ويا سڀ پاپ،

هي سر، هي آلاپ، آيل مون کي گهائن ٿا!

جو دَمُ پريت ٻنان تو گذري، سو دَمُ آهي سراپ،

هي سر، هي آلاپ، آيل مون کي گهائن ٿا!

پريت ڪريو ڙي، پريت ڪريو ڙي، ڇا جا جڳ(۱) ۽ جاپ،

هي سر، هي آلاپ، آيل مون کي گهائن ٿا!

هي سر، هي آلاپ،
آيل مون کي گهائن ٿا!

● عنايت بلوچ

ساروٽڙن سان سنهنجو لکيو آهي ازل ڪان انگ آلا،
سُلڪ ملير سوا هي دنيا آ مون لئه جهرجهنگ آلا.
سنڌ سندو ڪو ثاني ناهي، دنيا جنهن تي دنگ آلا.
پوکون جنهن جون پياريون پياريون، سونا سونا سنگ آلا.
سُنڌ ملهاري پولڊون پرن، سهڻين تين سارنگ آلا.
ڪانگن چو ڪيا ڪانگيرا آت، آڏاندا ها جت ڪنگ آلا.
دشمن سان پر دُولهه دريا، جوڻي پنا جنگ آلا.
سارا سنڌي ’هوشو‘ ’دودا‘ آهن سڀ اژدنگ آلا.

---

(۱) جڳ = يڳي، هوَن، آهوتي.

● الطاف عباسي

جنهن کي سڪ سان سوهڻ سڏي سو واڪي ڪيئن نه وري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

ترب منهنجا ڏئي ڪوٺ ڪنواري سڏ سان ليئڻ پري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

لڇمي ڌوئي سينوءَ کي ڏئي ڀسو سڏ ڪري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

چوريون چال ڏين واهڻ ۾ ڪنهن جي ڪيئن سري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

نڪرائي ننڍ ڏات اماڻي اوري اپار ڪري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

سهڻيءَ جي سڪ سيرت جهڙي ميهر ڪيئن اڻ سري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

ڀات اولاد ۾ چوڏهينءَ چنڊ جيئن ڪنهن جو ٻول ٻري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

سنڌو ماڪ رتڻ چاهي ٻوءِ اهاهي ٻنڌ ٻري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري.

دک ڪان داڀهون دس ڪري، ميان سڏڪا سنڌ پري،
ونجارو واڪي ڪيئن نه وري،

● رحيم بخش "قمر"

سُرور اڄ قسمتين ساڳَ،
دلبر مون ڪان ڌار ٿي ويندو،

هاڪ ڦٽيءَ تڪ ڪڏجي رهڻ جي،
سڄڻ ڪٽنئي اڄ ساڪَ،
دلبر مون ڪان ڌار ٿي ويندو،

ڪاري ڪاري، پردي واري،
ليل تان لاهي اڄ لاڪَ،
دلبر مون ڪان ڌار ٿي ويندو.

آيرين مٿان ٻرسات جا تارا،
ڏکــڙا ڏجـنهـن اُــا ڏاکَ،
دلبر مون کان ڏار ٿي ويندو.

ڪکڙ ۽ ڪنڊڇي لات اُــ لنبجو،
رازق جـــي ٿـــوَ راکَ،
دلبر مون کان ڏار ٿي ويندو.

گل، ڦل، غنچا، مکڙيون ماکيون،
ڊامـــڻ ٿيـــو پـــا ڊاک،
دلبر مون کان ڏار ٿي ويندو.

● "عاجز" آچڻ

اَڄ ٻرين ٻل ويهي ٻارا؛
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

ڪيئن ٻئيو هو تو ٻن مون لئي، ڏلگُ ســـورو ڏيهي ٻارا،
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

ڪئين ڏلدا ٿئي طعنا جيڏن، جيئن وئــهــن ٻـرڏيــهــي، ٻارا،
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

سور صدين کان ساليد جيکي، سي تہ ٻڌي ڪر چيهي، ٻارا،
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

اڄ اڄـي ڪو آب اکين مان، ســور ســندر تــي ٿيهي، ٻارا،
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

جيسين "عاجز" آهه حــياتي، تيسين تہ وچ ۾ ڏيهي، ٻارا؛
ويهه تہ دل جا درد سٽايان.

● "نقاش"

رات رُڻاري ٿي، وي راڻا هاڻ تہ لهہ ڪا سار.

من بــادل مان ٻوندون برسن اکڙيون مينگهہ ملهارــ
هاڻ تہ لهہ ڪا سار.

راتين جــا رولاڪ گهٽا مــون ڏينهن ڏلگي ڏاتــارــ
هاڻ تہ لهہ ڪا سار.

ڪيسين لڪندا لوڪ ۾ جن ڪئي ايئن ڪيو اروار،
هاڻ ته لهه ڪا سار.

سرت جي پيالي پيئن ڪئي اي سمارا ڪا اڄ سمار،
هاڻ ته لهه ڪا سار.

وهُ سيڻ ڪاڻ ڪيئن ڪندا ڇنو آديسي انڪار،
هاڻ ته لهه ڪا سار.

اڻ "انقاش" ٽري ٽو ٽالو، لنبد لهه ڪر ٽون يار،
هاڻ ته لهه ڪا سار.

● منير سولنگي

ويڙهيچا وهن، الوميان! ويڙهيچا وهن!

سارو ملڪ ملهر ۾، آءٌ ڦابو هت ڪونهن.
الوميان، ويڙهيچا وهن!

دولهان درد فراق جا، ٿا دل ۾ روز دکن.
الوميان، ويڙهيچا وهن!

بوليون ٻاٻاڻن جون، ٿيون هيردي منجهه هُرن.
الوميان، ويڙهيچا وهن!

ساليهر ڏاڍي ساهه ۾، سا اوني لاکڻن.
الوميان، ويڙهيچا وهن!

ٿاريچن جي ٿاڪ تي، ٿيون ڪنوٽيون روز ڪنون!
الوميان، ويڙهيچا وهن!

جن لڳ وڻي ليمر وهاڻان، سارو شال سلن.
الوميان، ويڙهيچا وهن!

● ادل سومرو

اسين آديسي آهيون يار، ڪهڙا پنهنجا ٽول ٽڪاڻا.

دلق اسان جي دولت سائين، مڏين مالڪ ااهيون يار،
اسين آديسي آهيون.

ڌرتي پنهنجي پرائي آ، آپ ڪي اوٽ پٺايون يار،
اسين آديسي آهيون.

ٻر ٻَاري مور مَ ڪھاريون، روز وڃڻ جون وايون ٻار،
اسين آديسي آهيون.
ڪٿهن ته گل ڦل، سبزا ساوڪ، ڪٿهن ته رڻ وسايون ٻار،
اسين آديسي آهيون.

● مهيسر "خادم" رفيقي

ايندين منهنجا حبيب! راهون تنهنجون روز لهاريان.

تنهنجو آهيان يار مان تنهنجو، توکي ٻرتل آهي غريب:
راهون تنهنجون روز لهاريان.

هوت هميشه حب آ تنهنجي، آهين لڌر جو نصيب:
راهون تنهنجون روز لهاريان.

ڪر اِ وڇوڙو رهه اِ ڏوراهون، اوڏو ٿيءُ قريب:
راهون تنهنجون روز لهاريان.

"خادم" ٿي مان تنهنجو رهندس آهين تن جو طبيب:
راهون تنهنجون روز لهاريان.

● قيوم "طراز"

## برها ماري ويچاري

آس لراس جا سهنا سالڊي،
آيس تو در يار.
سک جو هڪڙو ساوڻ سنهران،
ڏک جا مينهن هزار،
آس لراس جا...

ارمانن کي ڦاهيءَ چاڙهي،
چاهت چاتم چکيا،
در در آهي ستن هنئين مون،
برها پاتم پکيا،
ڏک پڻ مون لئه ڏکيا ناهن،
سک جو چڻ سسار،
آس لراس جا...

لنؤ اندر ۾ لات پري،
او من مندر جا پوجاري،
دل جي ديپک تي تي جرکي،
برها ماري ويچاري،
آس جي لاش تي لاهي مون کي،
او ساوڻ يا اڪار،
آس لراس جا...

چورا کورا کنهن جي چيت ۾،
هوري هوري کامي دل،
ميلڻ بنا آهه مرڻ بہ ڏکيو،
هڪ پل ساجن مون سان مل،
جيوَت ناهي جيوَن جوتي،
موت بہ ناهه موسار،
آس لراس جا سهنا سالڊي،
آيس تو در يار،
سک جو هڪڙو ساوڻ سنهران ڏک جا مينهن هزار.

● سرو چندر "شاد"

# آئي رت بسنت!

ٻڙا چاڪ چڪي چڪي،
آئي رُت بسنت!
آئي رُت بسنت!

ڦوڪ ڦلاريا، سونهن سنواريا چيت چوڏهين جي چنڊ جان،
ڌرتي ٻهڪي، ڪَڻ ڪَڻ مهڪي مُرڪي مُرڪي سرڪنڊ جان؛
سائي، لال، ڦِڪي ڦِڪي،
هر شئي جو پنڻوڻت!
آئي رُت بسنت!

ڪل ڦل ڦوليا، جيءَ جيءَ جهوٽا، ڏينهن جهٽڪن جهوُلن ۾،
سڪ ساهائي، اُنڊ اڏائي، اُڪ لڳي ڙي من ۾،
لنهن لڳايا لڪي لڪي،
لهرا جو بي انتُ؛
آئي رُت بسنت!

هر ڏِکڻ جي، ٻاد سجڻ جي آئي ڪِٽي آ هنج ۾،
ڪوئل ٻولي، ڦَٽ اُکولي، روح رڙي ٿو رڃ ۾؛
مهل لاه مکي مکي،
ٻار روئي روئنت:
آئي رُت بسنت!

● "ولي" دائود پوٽو

رچندڙ رچندڙ روپيءَ رانگ،
وڻ وڻ وڻ وڻ پنهنجي وڙ، جهوت جهوت کي جاڳوڙ.

پوله بسنتي جهڙ ڦڙ جهنگ،
جل ٿل ڌرتي ٻيڙن ٻوڙ، مائون ٻاتا منهن تي موڙ.

ساوڻ سونهن سولهري سنگ،
مورن سانڀ کڻي ڍيلن ڍوڙ، ککرن مان ڪجڪوڙ.

والــون والــون والجهيل رلــگ.
لاهيون چاڙهيون ڪيڏا موڙ، جـونجهارن جي جيءَ جنجهوڙ،
امنگن امنگن اوتـيـل الـگ،
خوشبو خوشبو ڪاڻين ڪـوڙ، لانجهي وانجهي سڀ ڪـي لوڙ،
چـرواهـا ڦـا چـورن چـنـگ.
هيـر هٿيلي چـڙ چـڙ چـوڙ، جـوڙبـنـدڙ جـي آهـي جوڙ،

● الطاف عباسي

ڳـذري ڪٿي هـيءَ رات ٻـرانـس،
ڪـاري ڪـاري رات ٻـرانـس،
تـي اڄ تـون ٻرپات.

هـي سارو جڳ سچ جـو ويـري،
دلـبـا جـي دل آهـي سـوري،
اـشـجـي اڄ سـقـراط ٻـرانـس،
تـي اڄ تـون ٻرپات؛

جڳ جـون ڪڙايون چڪي ٿڪي ٻـيـو،
اس رڪـي سـان تـو در آيـو،
ٻڌاڻ منـي ڪا ٻات، ٻـرانـس-
تـي اڄ تـون ٻرپات.

او ٻـرڏيـهـي دل آ مـالـهءي،
جـاڻ جـو منهنجي لـئـ تـو آنـدي،
سـڪـڙن جـي سوغات، ٻـرانـس-
تـي اڄ تـون ٻرپات.

● "عاجز" آچل

## مانجهي

مالجهي هـَل هن ٻار هلون-هو- مالجهي هل هن ٻار هلون.
ٻرت جـي ڪشتي ٻـار آڪـاري،
دوني دغا سڀ ڍول ڦ ڪـاري،
سـحـبـن سان سـنـلـار سـلـون،
مالجهي هـل هـن ٻـار هـلـون.

جيئن جيئن ليئا لڙهندي ويندي،
تيئن تيئن منزل اوڏي ايندي،

همت ڪر هڪوار، ڇلون،
مانجهي هل هن پار هلون.

ماڪ ۾ متڪڙيون، ولهه سنهاريو،
سير ملاحو ڪير لهاريو،

ڪاهي پو، منجهڌار هلون،
مانجهي هل هن پار هلون.

سمنڊ جون سر تي سختيون ساهي،
سرد ملاحو پاڻ سلهائي،

اولهه الڏوڪار پٽلهون،
مانجهي هل، هن پار هلون.

● منير سولنگي

درد ڀري سنسار سان سائين، ڏينهن ڪٽائي ويندا سين،
ڏينهن ڪٽائي ويندا سين، واڪ ورائي ويندا سين،
واڪ ورائي ويندا سين.

دل جا جذبا سڙي سڙي، بهار جي خوشبو ليٽ پکيڙي،
ڪنهن جي من جو سوتي پئي، جوت جڳائي ويندا سين،
واڪ ورائي ويندا سين.

ڇارڻ پئي چنگ وڄالي، لڪري، لڪري، رلڪ رچائي،
پيچل والڪر ڪنهن جي سر جي، سٽن لڳائي ويندا سين،
واڪ ورائي ويندا سين.

سور سمورو دل جو ملبو، ڪنهن ڪي واهس اڪ ۾ وريو،
ساجن سان ڪڏ ڪوشي ويهي، قرب ڪمائي ويندا سين،
واڪ ورائي ويندا سين.

● مير محمد پيرزادو

هنڙو چئي ٻيو هاڻ - ملان شل مارن ساڻ!
ٻالپڻ اڏري ٻاڻ - ملان شل مارن ساڻ!
ٿڃي ڪنجي وچان سان آڏري واءُ جي ور ساڻ،
- ملان شل مارن ساڻ!

هڪجهڙن لئي هنجون ماريان،
سانيڪا، ساڙو هيون ساريان،
پٽ ٿنهوار ڪي پلنگ نه پاريان،
پٽن ٻهچان ٻاڻ - ملان شل مارن ساڻ!

لمڙ ڪيڙي، لولي لڄ،
ٻڙلدي لمٽ ٿنهوارن ٻج،
سگر سڳڪايون چهرن چڄ،
تن ۾ جن جي تاڻ - ملان شل مارن ساڻ!

هن سند مارو ولر وارن،
هاڪا جهڻا ڳيت جهولڪارن،
چهه چهه چندن واهه ولهارن،
ساهه وٺي سرهاڻ - ملان شل مارن ساڻ!

چڪن ۾ ڏس چيڙهه پيو آ،
حال ته منهنجو هيءُ ٿيو آ،
جهنم جهڙو جيئڻ ٿيو آ،
هن ته ڪميڻيءَ ڪاڻ - ملان شل مارن ساڻ،

ڪالر خوب ڪنون پيون ڪنوڻيون،
خوشبوءِ ملهائن ڪتيرا، ڪلڙيون،
هاڻ اتر جون هيرون هلڙيون،
ڪڪر ڪڻي ڪاراڻ - ملان شل مارن ساڻ!

مارنگ سپ جو لاتو ازلڙون،
موتي مليو واهه جو وصلڙون،
راس نه اڄ ڪي آئي اصلڙون،
آب سندي آلاڻ - ملان شل مارن ساڻ!

ٻُڌل ٻولن ٻاما ڪوڙي،
جيڏن سين ڪي جوڙون جوڙي،
ڳالهيون ڳرهيون ٻاڙي اوڙي،
چنڊ سنڌيءَ ڇالنداڻ-ملان ڦل مارن ماڻ!

● نصير "شاد"

اولـداهي آ رات... آلو ميان، ٻَل ٻَل تنهنجي تات.
ڪري ٿي من کي مات، او سائين! ٻَل ٻَل تنهنجي تات!

رات جي ٻنجيءَ ٻرَ ڦهلايا،
من لڪريءَ ۾ آذري ڇاٻا،
اولداهي ٿي ڇاڪَ چڪائي،
ڇالدڙوڪي ڇڻ ڪاتُ... آلو ميان، ٻَل ٻَل تنهنجي تات.

جوڀن من ۾ آڳ لڳائي،
سورڪ تنهنجي ٻاد ستائي،
وَر وَر ٿي مان وات اهاريان،
جل لل آهي سالت... آلو ميان، ٻَل ٻَل تنهنجي تات.



# نظم

● سرو پچندر "شاد"

## جيون ڇا آ؟

جيون ڇا آ؟
جيون ڇا آ؟

جيون ڇانا جو ڇل آهي،     جيون آڌنڌو بادل آهي؛
جيون رستو جوڳي آهي،     جيون مسند ميهوڳي آهي؛
جيون ٻل جو چنڪو آهي،     ڪيچ-پرہو ڪو ڪنڪو آهي؛
جيون آ اڪ-ڪهل ڪاچو،     پاڻيءَ ۾ جڻ چنڊ جو پاچو؛
جيون ڪو سالڪينڙو آهي،     چونٽري ۾ جڻ ڏينڙو آهي؛
جيون چل آ، جيون پل آ،     جيون واريءَ تي وَل آ.

جيون ڇا آ؟
جيون ڇا آ؟

جيون ڌرتيءَ تي پير آ،     جيون ڪنڊن وچ ۾ پير آ؛
جيون قرب-ڪچانو آهي،     جيون ڏک، ڏولانو آهي؛
جيون مومل جو ڪيڏڪو آ،     جيون سورٺ جو سڏڪو آ؛
جيون امرت جو ڍڪ آهي،     جيون زهر-پرہو ڍُڪ آهي؛
جيون ڏاهي جي ڏاهپ آ،     جيون کهي جي جڻ ڪپ آ؛
جيون آس-پرہو آلاپ آ،     جيون وچڙيل جو ورلاپ آ.

جيون ڇا آ؟
جيون ڇا آ؟

جيون پورهيت جو هٿ آهي،     رڻ پوميءَ ۾ جڻ رَتُ آهي؛
جيون پريت آ پاڻياري جي،     جيون هولڪر آ هاري جي؛
جيون پهلوانن جو پل آ،     حشمت واري جڻ ڪا هَڪل آ؛
جيون چنڊ جي ڪنڙ ڪنڙ آهي،     هنڪرين جي ڪنڙ ڪنڙ آهي؛
جيون ساوڻ جو جهنڙ ڪهانو،     جيون هاريءَ هٿ ۾ ڏاٽو؛
جيون جڻ جو آ سالو،     اُولداهيءَ ۾ آهي آجالو؛

عيسيٰ کي آس آن جي، لقمان کي بہ لاڄ،
هر درد هر مرض کان ڇاهي ڇٽڻ جو نسخو!

اي زاهدو عبادت افضل امانئي آهي،
تلوار هيٺ سيڪجي سجدي ڏيڻ جو نسخو

هڪڙي حڪيم حاذق امراض لاءِ آندو،
دل جي ڪتاب اندر لائق لکڻ جو نسخو!

هن ڪائنات جي هر اعجاز جو قسم آهي،
اڪسير ۽ عجائب، سهڻي سڄڻ جو نسخو!

نسخا نوان پسائڻ آيا مسيح لک ور،
شافي شفيع آندو، نادر جيئڻ جو نسخو!

ڪامل جو ڪيميا کان، عالم جو سيميا کان،
قرآن ۾ پڙهي ڏس، زنده رهڻ جو نسخو!

● علي محمد "خالدي" ٺٽوي

## ڪارونجهر

بهاران ۾ خيابان آهي ڪارونجهر،
سرور آور گلستان آهي ڪارونجهر،
مسرت بخش بستان آهي ڪارونجهر،
خوشيءَ جو ساز و سامان آهي ڪارونجهر،
گلن جي مثل خندان آهي ڪارونجهر.

هتي آهي عجب اسرار قدرت جو،
مسايل راز ان ۾ آهي حڪمت جو،
ٿئي حاصل ڏسي ٿو درس عبرت جو،
سبق دنيا سڄي جي لاءِ حيرت جو،
نئون جڳ ۾ جڳن کان آهي ڪارونجهر.

بلند اقبال، اعليٰ شان جو مالڪ،
سڪندر بخت، بيحد مان جو مالڪ،
جلال و جاهہ، افضل آن جو مالڪ،
جهان ۾ قسمتِ شايان جو مالڪ،
وهانو جان درخشان آهي ڪارونجهر.

هماليہ کان گھڻو ھاڪو، مگر افضل،
اُتم البرز کان، ڳاڪا ڪنان اڪمل،
ڪراڪورم کان' بيحد ليڪن ۾ ارمل،
مڃائيندو ته جبل ڪاف ۾ هلچل،
سدا مثل سليمان' آهي ڪارونجهر.

سدائين خوبرو، خوش رنگ ۽ خوشتر،
شباب و حسن ۾ يڪتا زماني پر،
نهايت دل لڀائين ۽ پُرڪشش منظر،
ڏياري ياد ٿو ڪشمير جي اڪثر،
جهان' ۾ ٿيو پري-شان' آهي ڪارونجهر.

خدا جي بخشش و نعمت سندو مرڪز،
زمين تي خير ۽ برڪت سندو مرڪز،
ٿرين جي واسطي رحمت سندو مرڪز،
پيار ۽ انس ۽ اُلفت سندو مرڪز،
زماني ۾ صدين کان' آهي ڪارونجهر.

جڳن کان سنڌ جو شهڪار تاريخي،
قديم اجناس جو پندار تاريخي،
۽ رکندڙ ساهه ۾ اسرار تاريخي،
عجائب گهر جهان' چوڏار تاريخي،
ايامن کان نمايان' آهي ڪارونجهر.

محبت سان سدائين سنڌ وارن تان،
غريبن، ٻاجهن ۽ غمگسارن تان،
ڏتارن، مانگ وارن، مالدارن تان،
پھون چارينڌڙن ۽ بيمارن تان،
سدا قربان دل سان آهي ڪارونجهر.

جڙي ٻوٽيون ٿين ٿيون بي بها حاصل،
وڏي تعداد ۾ صبح و مسا حاصل،
ٿهي جن مان ٿئي عمدي دوا حاصل،
مريضن کي ٿئي جنهن مان شفا حاصل،
سون دردن جو درمان' آهي ڪارونجهر.

لکن جا لعل لاکيشا هزارن ۾،
ٻيل ڪَهڻا آهن ٻڪراج غارن ۾،
سدا هيرا انهن جي هولد هارن ۾،
ڪروڙ آهن لکل هت ڪوهسارن ۾،
غني دل گويا السان آهي ڪاروانجهر.

حفاظت سنڌ جي اوير جي پاسي کان،
ٿڏي ڪوسيءَ بهرصورت وڏيءَ سڪ مان،
سياري تـوڙي اونهاري سدا يڪسان،
ڪري ٿو "خالدي" ٿتوي دل و جان مان،
ازل کان ٿيو نگهبان آهي ڪارونجهر.

عداوت سنڌ سان دشمن رکن جيڪي،
حريفاڻا لڳاهن سان ڏسن جيڪي،
ارادا بد ڪڻي ويجها اچن جيڪي،
دغا دل ۾ رکي رهزن وڃن جيڪي،
انهن جو دشمنِ جان آهي ڪارونجهر.

● "عنايت" بلوچ

## پاڪ - ايران دوستي

پالهنجا لاتا پراڻا دوستو، سي وڃي آخر اگهاڻا دوستو:
پڙهي هجن پاڙيسري شل شادباد، دوستيِ پاڪ و ايران زنده باد،
زنده و پائنده و رخشنده باد.

هن جهان جو ڪي پروڙن رند راز، آهي حسن و عشق ۾ جيت سوز و ساز:
دلبريءَ جو ٿي وڃي ڪوئي بيان، "خوشتر آن باشد ڪه سرِ دلبران،
گفته آيد در حديثِ ديگران."

'حافظ' و 'سعدي' کي حاصل برتري، 'شاهه'، رومي، سان ڪنهن جي همسري:
سنڌ ۾ ايران جا هي اوليا، "اوليا را هست قدرت از إله،
تير جسته باز گرداند از راه."

## احساس

هر سپنو سپنو ساگر آهي،
ويران انڌيرن وارڳر آهي،
هر ڇاتيءَ جي ڇولي ساحل تي موڳو ماڳر آهي،
هي ساگر سپنا ساحل ڇوليون، سير ڀرالي ڏسجي ٿي،
هيءَ دنيا ساري دوکي جي، ديدار کان خالي ڏسجي ٿي.

هت ڪهڙا ڪهڙا واءُ وريا؟
ونڪار متان دم ڪين ٽريا!
ٻيجان ٻنين جي آوازن سان آڪاشن جا هانءَ ڏريا،
ان رمز ازل تي اينهن وارن جي اک اک آلي ڏسجي ٿي،
هيءَ دنيا ساري دوکي جي، ديدار کان خالي ڏسجي ٿي.

هت ڪڏجي ڪيڙو ڪام ڪڙيا،
هر آڳنڌ اکيان روز رڙيا،
ڪنهن کان نه جهليا، ڪنهن کان نه ٺليا، ڪنهن کان نه وريا
ڪنهن کان نه مڙيا،
اڄ تن جي ناد نفيلن تي هر روز ايڪالي ڏسجي ٿي،
هيءَ دنيا ساري دوکي جي، ديدار کان خالي ڏسجي ٿي.

هت هرڪا آهي سوچ پرائي،
ڪنهن ويريءَ جي ڪوري ڪاٺي،
الهڙ جوانيءَ جي مهخوارن ٻرڪي آڇليا ٻرت جا ٻاٺي،
هاڻ هٿن ۾ مستانن جي زهر پيالي ڏسجي ٿي،
هي دنيا ساري دوکي جي، ديدار کان خالي ڏسجي ٿي.

ڏس لڪيچ تارازيءَ جٺن توروڻ،
ڪهائل ڪهائل ڪهٽورن ڪهٽوروڻ،
مرڪن مانَ مجاز جي صدقي ماپيون قرب ڪمال جون ڪوروڻ،
ڪور الهيءَ کان هرڪا دانڙي مست موالي ڏسجي ٿي،
هيءَ دنيا ساري دوکي جي، ديدار کان خالي ڏسجي ٿي.

# غزل

● آغا عبدالنبي "آغا"

●

راه تنهنجيءَ ۾ منا! ڪجهه ڪجهه اشان منهنجا ٻه هين،
هم‌قدم توسان ڏس اشڪِ روان منهنجا ٻه هين.

ظلم تنهنجي جا قصا جي پيش ٿيندا حشر ۾،
تن ۾ شايد جانِ من! ڪجهه داستان منهنجا ٻه هين.

پاس ۾ السدوه اچ گرداب فرقت ۾ اچي،
دل سندا همدرد ٿيا دهن و زبان منهنجا ٻه هين.

پڙهه فسونِ خواب‌بندي، تا حشر شورين زبان،
هن حديثِ درد و غم ۾ سي بيان منهنجا ٻه هين.

حُسن تنهنجو جاهه زينت زيب تنهنجو ۽ جمال،
جي رهن توسان ٿا سي رازدان منهنجا ٻه هين.

پڙهه ڪتابِ عشق جي هر باب ۾ اي شوخ تون!
ظلم پنهنجن سان ڪڏي جي داستان منهنجا ٻه هين.

حشر ۾ چو ٿيون تلاشيون مقتلِ قاتل الدر،
مون چيو ڪجهه زير چوڪٺ استخوان منهنجا ٻه هين.

دشتِ غربت پا عزيزو راهِ محمل ۾ پُڏو،
ڪجهه فسانا قيس ڪي اچ برزبان منهنجا ٻه هين.

روزمحشر منهنجا قاتل منصفِ اعظم اڳيان،
شاهدِ مقتول هي آه و فغان منهنجا ٻه هين.

قيس جا صحرا الدر، فرهاد جا منجهه بي‌ستون،
دشتِ سندوءَ ۾ اي "آغا" آستان منهنجا ٻه هين.

## "سليم" ڳاڙهوي

●

الزامن جي عادت عام،
سچ تي آيا سؤ الزام.

طوفان سان سينا ساهين، مردن جي ڪو سمجهي مام،
بازن جو ڪم آڏڻ، آيڙڻ، چيرا چاهين ٿا آرام.
ڪالهه هئا جي بازو رڪ جا، اڄ سي نازڪ ۽ گلفام.
ڪنهن تي حرص، هوس جو ڇانءُ، ڪنهن کي عشق منهُ و انعام.
ميدان جو صبح سونهارو، ميخان جي ڪاري شام.
سچ کي ڪوڙي ريت سڃاڻين، توکي ڪوڙ ڪيو مرسام.
تنهنجي منزل تارن تائين، منهنجي توکان اڳتي گام.
عشق وڏي آڙاهن اندر، نفس هڻائي ٿو ناڪام.
اندو هائي پيلي اندر، ڪُرشم ويچاري جي ڪام.
پنڪي پنڪي ٽڪجي پولدين، تنهنجو خبط اجايو خام.
ڪو نه سمجهي، ڪو نه ڄاڻي، ڪنهن جو نالو ٿيو بدنام،
'سچ کي ڪچ ۽ ڪچ کي سچ'، هڙڙي دنيا تنهنجي هام.
حيف، اجا تو ڪين سڃاتو، ڪچ ۾ ڪاتي، چپ تي رام.
تنهنجي قسمت ڦاسڻ ڦاٿڪڻ، بيت پکيڙو، داڻو دام.
چمڙا ويچارا ڇا ڄاڻن، صبح جني سورج جو پيغام.
غيرت ان جو نالو ناهي، پنهنجو پاڻ ڪرين نيلام.
نيث "سليم" ڪندين تسليم، سچ آغاز ۽ سچ انجام.

## ● شيخ عبدالرزاق "راز"

●

تنهنجا نانا نيڻ، ڇو خوناب ٿي ويا،
جيڪي جهلي ويا تاب، سي سيراب ٿي ويا.

کهڙو ڇو ٿا حال، پريشان نصيب جو،
سهڻا سهانا سور، ڪلڻ-ڪاب ٿي ويا.

تلاش ۽ جستجوءِ حسن ۾ عرشِ برين تائين،
جتي آيو اتي ويهي ته بي‌اختيار پيو ٿي.

زمين تي، آسمان تي، عرش تي ۽ عرش کان اڳتي،
مڪان ۽ لامڪان جي سرحدن جي پار پيو ٿي.

ديارِ عشق جي درياءَ ڪيف و رنگ تي ويهي،
ڪڏهن هين پار پيو ٿي، ڪڏهن هُن پار پيو ٿي.

جهان وارن جي ليکي ٿي شرابِ رنگ و بو پيو،
حقيقت ۾ سدائين شربتِ ديدار پيو ٿي.

غمِ فرقت ستائڻ واسطي ٿي ”خالدي“ پيو،
ڪڏهن خوش ۽ ڪڏهن ٿي جان کان بيزار پيو ٿي.

● عبدالقيوم ”صائب“

●

خدا جي خدائي اسان جي ڪمائي،
اسان آهه قائم ڪئي هيءَ وڏائي.

اسين ڪيس واحد وڏو جي نه ليکيون،
اچي ڪيئن توحيد ۾ ها صفائي.

اسان کان اڳي هئي، ٻين جي نظر ۾،
فقط يار تثليث يا گهڻ-خدائي.

هتي پنهنجي ليکي وڏو آهه هرڪو،
اجايو نه ڪر ناز پر ڪبريائي.

اسان بت ڪي ٺاهيو، اسان بت ڪي پوڄيو،
اسين نياز نوڙت، اسين خودنمائي.

اسين پنهنجي عظمت جا قائل ازل کان،
اسين خود تمنا، اسين خود فدائي.

اسان ويس منصور و سرمد جا پاتا،
ڪُسي پاڻ ڪنهن سان ڪنهين چِڱائي.

ڪڏهن پاڻ آذر، ڪڏهن ابن آذر،
اِها آهه پنهنجي ٿي هٿ جي صفائي.

● "ساجد" لعلپوري

●

حياتيءَ جي نه پائي چين ٿو لمحات ۾ ماڻهو،
زماني جي رهي ٿو هر گهڙي فڪرات ۾ ماڻهو.

اهو ڪيڏو نه آهي سادڙو ويچارڙو ماڻهو،
فريبيءَ جي اچي ٿو جو وڃي ڪنهن گهات ۾ ماڻهو.
ستائيندي رهي ٿي ڪيس ڳڻتي ڪانه ڪا هردم،
رهي جيئري ٿي ٿو جڻ قبر جي ظلمات ۾ ماڻهو.
ورايو ڪيس آهي گردشِ دوران اچي اهڙو،
بلائن جي رهي ٿو جڻ سدائين وات ۾ ماڻهو.
جيڻ جنجال تنهن جو ٿي وڃي ٿو دوستو! جڳ ۾،
اچي ٿو اوچتو جيڪو وڃي آفات ۾ ماڻهو.
هميشه ڪنهن نه ڪنهن هو ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي،
سڪون پائي نٿو ڪنهن عمر جي اوقات ۾ ماڻهو.
مان جيڪي سنجهي ٿا سور صدما همنشين! هن کي،
اهي ئي راڄ ٿو ڏسندو رهي برسات ۾ ماڻهو.
ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ ڏينهن، گذري ٿو سدا هن جو،
الم اهڙي طرح ڏسندو رهي ٿو وات ۾ ماڻهو.
مٿس گذري ٿي جيڪا سا، حقيقت پڇ نه اي "ساجد"،
رهي ٿو جڻ هميشه عالمِ سڪرات ۾ ماڻهو.



# قطعا

● "نقاش"

( ١ )

اسان رت ڀيٽ ڏيئي ٻوٽا آهاپيا،
ٻهارن سان چمن سارا سجايا.
وريو ڪو واءُ اهڙو چوطرف کان،
اسان کي پنهنجا خاڪيل ڪري آيا.

( ٢ )

اسان ڌرتيءَ جي سيني کي سنواري،
مٿان جنت ڪٿي آڻي اتاري.
ٻني دوزخ جي داروغن کي هيءَ سڌ،
مٿل صدين جي نفرت تن آٿاري.

( ٣ )

اوهان سڪ لاءِ سڪ پنهنجو ڦٽايو،
اسان دک درد سيني سان لڳايو.
اوهان الفت جي لئه الفت وڃائي،
اسان ڪلفت ۾ ٻڻ لاتو اپايو.

( ٤ )

چار گهڙيون اوهان جي چاهت جون،
چار يادون اوهان جي الفت جون.
منهنجي آتم ڪٿا ۾ ٻيو ڇا هي،
ڪي گهڙيون رانج جون، ڪي راحت جون.

( ٥ )

منهنجي جيون جي ڪٿا مون کان ٻڌين ٿو يارا،
جڻ لهوان ڏني، نوان سور ٻڌين ٿو پيارا.
جي ٻڌائين ٿو مٺا! رات جي رولاڪ هي راهه،
ڦُٽ ٻنيءَ سان هوائن کي ڪٿين ٿو پيارا.

( ٦ )

چاهت، نفرت، رانج ۽ راحت،
منهنجي جيون جي آ وضاحت.
تون ٿو مون کي ڄاڻڻ چاهين،
مان ڇا آهيان؟ بس هڪ حسرت!

( ٧ )

هزارين حسرتون دل ۾ رهائي،
هزارين خواب اکڙين ۾ لڪائي.
اوهان جي شهر سان اڪري وياسين،
وٺا جو درد هر دل ۾ ڏکائي.

( ٥ )

جي سڪندر جو عطا ٿئي تخت و تاج،
غزنوي لاهي رکي سر تي ڪلاهه.
تنهنجي مستانن کي مان ڏيئي ڇڏيان،
جي ملي تنهنجي قلندر بارگاهه.

● امان الله "ناظم"

( ١ )

عابد

سجدي کي چو سڏيو ٿا عابد عبادتون،
سجدا ته روح کي ٿا بخشن سعادتون،
سجدو ته عشق جي ڏس درگاهِ حسن کي،
اڄ ٻي جتي جهڪن ٿيون اڪثر امامتون.

( ٢ )

عامل

عقيدت جي آٿائي ٿي وئي آ،
ائين جڻ بندگيءَ تي موت آيو.
هجن ها جي اڄا عامل ٻه زنده،
ٿيو عملي زلدگيءَ تي موت آيو.

( ٣ )

زاهد

سجدو ڪيم سڄڻ کي ڪهڙي خطا ڪيم،
زاهد ته ٿي خفا جو قبلو قضا ڏسي.
فتويٰ نه ڏي جو عشق جو مذهب آ مختلف،
هن جي مون هر ادا ۾ ڇڏيو آ خدا ڏسي.



# نيون طرزون

● "تاج" جويو

( ١ )

ٻهرن جهليو ٻور ـــ
لمشئون لنڊ آڏي ونئي،
جڏهن ٿئين تون دور.

( ٢ )

ٻهرن ساوا ٻن ـــ
چنڊ رسامون مل اچي،
مون سان منهنجا من!

( ٣ )

ٻهرن جهليا گل ـــ
مرڪيو جڏهين تو منا!
ٽڙيا جڻ ته ڪنول.

( ٤ )

ٻهرن ۾ ٻالڙا ـــ
مون کي پنهنجا او ٻرين!
چُمڻ ڏي چپڙا!

● "ادل" سومرو

( ١ )

دنيا ساري دوکو ـــ
اڄڪلهه جي انسان کي،
سمجهڻ آ اوکو.

( ٢ )

وريو اهڙو واءُ ـــ
سنگتين ۾ لڪا سڪ،
ٻاهه جو ويري ٻاءُ.

( ٣ )

مرڻو ناهي ميار ـــ
ايئن ته هن دنيا مان،
لڏڻو آهي يار.

( ٤ )

دنيا در گذر ـــ
جيسين جيئين چڱ ۾،
سڀ سان قرب ڪر.

( ٥ )

ڪجي ڪوئي هُل ـــ
ڪُٺي قيمت سرس هئي،
سالهوءَ ناهي ملهه.

( ٦ )

جي تو ٻولين سچ ـــ
سر جو سنڪو لاهي ساڄن،
آءُ آڏيءَ اچُ.

"جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان اوهين اهو خيال ڪري ويٺا ته اوهان جي خداداد قابليت ۽ ذهانت آهي ۽ سڀئي ڳالهيون پاڻ کان پاڻهي اوهان جي دماغ ۾ اينديون وينديون، ته اهو خيال خام دل مان ڪڍي ڇڏيو، ۽ پڪ سمجهو ته جيڪا به چيز اوهان کي هٿ ايندي، سا محنت سان هٿ ايندي، نه ڪه اوهان جي نڪميءَ ذهانت سان."

— ڊاڪٽر مارڊن

# ۲

# افســانــا

”پنھنجي عضون کي محنت ۽ مشقت جو عادي بناءِ، توڻي ڪٿي تو وٽ گھڻائي نوڪر ھجن. جيڪڏھن ڪو اھڙو اتفاق ٿيو، جو ھو تو وٽ نہ رھن، تہ ان وقت تون بلڪل اپاھج ٿي ويندين ۽ اھڙو اتفاق دنيا جي دؤر ڪان پري بہ ناھي.“

— ارسطا طاليس

ڊاڪٽر سڀڪجهه ڀانپي ويو هو، پر هو اخلاق جو معصوم شاهه جو منارو ۽ دل جو سنڌو درياهه هو.

هڪ شام تي چڪر ڏيندي، ڊاڪٽر نرس کي چيو:

"مسٽر، سڀاڻي صبح جو ڪلوءَ کي ڊسچارج ڪيو وڃي، ٻه-چار آپريشن جا ڪيس ضرور داخل ڪرڻا آهن ۽ بسترا خالي ناهن."

ٻئي ڏينهن ٻرهڙيءَ مهل، وارڊ ٻواءِ اچي ڊاڪٽر کي جاڳايو، ڪلوءَ جي حالت خراب هئي.

هو بيهوش هو ۽ وڙڪي رهيو هو. ساهه ڏاڍي تڪليف سان کڻي رهيو هوس.

ڊاڪٽر ڏٺو ته هن جو ٽمپريچر ١٠٥ ڊگريون هو، ۽ ٻئي ڦڦڙ نمونيا جو شڪار ٿي چڪا هئا.

ڊاڪٽر حيران هو ته راتو رات ۾ ڪيئن ائين ٿي ويو... پر پير وارن بيمارن کي خبر هئي ته ڪلو وچ سياري واري سخت سردي هوندي به رات جو کليل هوا ۾ ٿڌي پاڻيءَ سان وهنتو هو.

آدم جنت مان نڪرڻ لاءِ هڪ انوکو حيلو هلايو هو.



"سڀ کان وڏيڪ بيوقوف اهو شخص آهي، جو سُتل فتني کي جاڳائي، ۽ جيڪو ڪم آسانيءَ سان ٿي سگهي، اُن جي نوبت لڙائيءَ جهڳڙي تائين پهچائي، پنهنجيءَ گهٽيءَ قوت تي اعتماد ڪري، دشمن سان هروڀرو وڙهڻ جو آپاءُ ڪري، ڇو ته ڪٿي 'ترياق' موجود هجي، پر اُنهيءَ جي اميد تي رُؤ ڪري 'زهر' نہ کائڻ گهرجي." —سقراط

# ۳

# مقالا

”انسان جنهن ماحوليءَ جو نالو آهي، اُن لاءِ جيتري ضرورت هوا ۽ پاڻيءَ جي آهي، اوتري اَنَّ، لٽي ۽ اجهي جي به: پوءِ جيڪڏهن اوهين هن کي اهي چيزون نٿا ڏيو، ته پوءِ ڪيئن ٿا اميد رکو، ته هو شرافت ۽ انسانيت جو پتلو ٿي رهندو، گناهه ڪان ڊڄندو ۽ نافرمانيءَ ڪان ڪنبندو؟“ —ابوسعيد بزمي

(٣) ٻنهي ٻولين مان هرهڪ کي ترقيءَ جون سهولتون رکيون ضرورت ۽ اهميت جي خيال کان ڏنيون وڃن ۽ نه عقيدت يا محبت جي خيال کان.

(٤) ٻوليءَ جي ماهري کي اظهارن ۽ عقيدن کان ٻاهري رکڻ لاءِ قانوني وسيلا استعمال ڪيا وڃن.

(٥) تعليم فقط مادري ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ۽ ٻي ٻوليءَ کي فقط ثانوي اهميت سان جاري رکيو وڃي.

(٦) ٻنهي ٻولين کي ترقيءَ جي موقعن ڏيڻ وقت اهو ڏسو وڃي ته عام ماڻهن جي تهذيبي ۽ ڪلچري ورثي تي ڪو برو اثر ته ڪونه ٿو پوي. تهذيب ۽ ڪلچر جي حفاظت لاءِ قانوني وسيلا مهيا ڪيا وڃن.





مسٽر بلڊ جي اعزاز ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڏنل دعوت وقت ورتل تصوير:
ساڄي کان کاٻي: مسٽر محمد حنيف صديقي، سابق سيڪريٽري قانون حڪومت سنڌ،
مسٽر غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، مسٽر بلڊ، مسٽر بلڊ جو
فرزند، مسٽر طفيل سابق ڪليڪٽر حڪومت سنڌ.

اڳيان ويٺل: بلڊ صاحب جي بيگم صاحبه ۽ سندس نُنهن.




مهراڻ ٽيڪسٽ بڪ پبلشرس ايسوسيئيشن حيدرآباد طرفان تاريخ ٣١- جنوري ١٩٧٤ع تي منعقد ڪيل تقريب ۾ ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ناشرن، عالمن ۽ تعليم کاتي ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي عملدارن اڳيان سنڌ ۾ درسي ڪتابن جي ڇپائي، موجودگي ۽ وڪري جي مسئلن بابت اظهارخيال ڪري رهيو آهي.

”دنيا جو وڏي ۾ وڏو سائنسدان ۽ وڏي ۾ وڏو فيلسوف، تجربن مان نتيجا حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ڪا راءِ قائم ڪري ٿو. جيڪڏهن انهيءَ ويچار سان ڏسبو، ته معلوم ٿيندو ته دنيا جو هر انسان رات-ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن تجربي ۾ لڳو ٿو رهي. هر ڪو ڏينهن ۽ هر ڪا ساعت بذات خود هڪ تجربو آهي- بشرطيڪ اسين پنهنجي پاڻ ۾ صلاحيت پيدا ڪريون، جو هر ڪنهن شيءِ جي حرڪت کي سمجهندي، ان مان نڪرندڙ نتيجن کي سهيڙيندا رهون.“

-- بيڪن